# لکين نيڪيون ۽ لکين گناهہ

سنڌي




شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علّامه مولانا ابو بلال

## مُحمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفکر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: لکين نيڪيون ۽ لکين گناهہ

ڇاپو پهريون: ربيع الغوث 1443ھ نومبر 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مکتبۃ المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مکتبۃ المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ مان ورتل رسالو

# لکين نيڪيون ۽ لکين گناهه

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

لکين نيڪيون ۽ لکين گناھ ........ 3
دعاءِ عطار: ........ 3
درود شريف جي فضيلت ........ 3
نيڪي جي دعوت مزي واري عبادت آهي ........ 3
نيڪي جي دعوت کان محرومي جي صورت ۾ موت جي تمنا ........ 4
بد مذهبي کان توبہ ........ 5
ڇا تہ نرالو شان آهي! ........ 9
ايمان آڻڻ کان پوءِ صحابہ ڪرام جا جذبات ........ 10
مون کي تي ڏينهن ڏوبي جو ڪم ڪرڻو پيو! ........ 11
ڪامل پير جون برڪتون ........ 12
اُت جڏهن ڪُوئي جو ٿي ويو ........ 13
ڏيڏر کي ڏسي وٺي پڳو ........ 14
مريد جي ”پٺ مضبوط“ هوندي آهي ........ 15
بيعت جي معنيٰ ........ 16
موت جي سزا جي موقعي تي هڪ مريد جي پنهنجي پير سان عقيدت ........ 16
دڪان اونڌو ڪري ڇڏيندس ........ 17
قيامت تائين اچڻ وارا مريدَ ........ 17
هڪ سوال ۽ ان جو جواب ........ 18
قتل جو حيرت انگيز مقدّمو ........ 18
ڪير نيڪي ڪرڻ واري جيان آهي؟ ........ 20

تمام عمل ڪرڻ وارن جو ثواب ........................................ 21
لکين نيڪيون ۽ لکين گناھ ........................................ 22
”نيڪ“ بڻائڻ واري مشين بڻجي وڃو ........................................ 23
هر لفظ تي سچي سال جي عبادت جو ثواب ۽.... ........................................ 24
نيڪين جو انبار ........................................ 24
درس ڏيڻ جو ثواب ........................................ 25
درس ڏيڻ جي برڪت ........................................ 26

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# لکين نيڪيون ۽ لکين گناهه

## دعاءِ عطار:

ياربّ المصطفيٰ! جيڪو مڪمل رسالو ”لکين نيڪيون ۽ لکين گناهه“ پڙهي يا ٻُڌي وني، اُن کي علم ۽ تقويٰ جو پيڪر بڻاءِ ۽ اُن کان هميشه هميشه جي لاءِ راضي ٿئي وڃ.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بخشش نشان آهي: جنهن ڏينهن ۽ رات ۾ منهنجي طرف شوق ۽ محبت جي ڪري ٽي ٽي ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهيو الله پاڪ تي حق آهي ته هُو ان جي ڏينهن ۽ اُن جي رات جا گناهه بخشي ڇڏي. (معجم ڪبير، 18/ 362، حديث: 928)

پڑھتے رہو درود و سلام بھائیو! مدام	فضلِ خدا سے دونوں جہاں کے بنیں گے کام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪي جي دعوت مزي واري عبادت آهي

نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۾ ڪڏهن به سستي نه ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن هي مدني ڪم اخلاص سان رضاءِ الٰهي جي لاءِ ڪيو وڃي ته بيشڪ تمام مزي واري عبادت آهي، جيئن

اميرالمُومِنِين حضرت سيدنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو ارشاد آھي: مون عبادت جو مزو چار شين ۾ لڌو: ﴿1﴾ الله پاڪ جي فرض جي ادائيگي ۾ ﴿2﴾ الله پاڪ جي حرام ڪيل شين کان بچڻ ۾ ﴿3﴾ الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ جي ارادي سان نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۾ ﴿4﴾ الله پاڪ جي غضب کان محفوظ رھڻ جي لاءِ برائي کان منع ڪرڻ ۾. (المنبهات ص 37)

## نيڪي جي دعوت کان محرومي جي صورت ۾ موت جي تمنا

صحابيءِ رسول حضرت سيدنا ابي بَکرَہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ هڪ موقعي تي فرمايو: ڪنھن جاندار جي موت بدران مون کي پنھنجو موت پسند آھي، ھي ٻڌي حاضرين گھبرائي ڪري عرض ڪيو: ائين ڇو؟ فرمايائون: مون کي ڊپ آھي تہ ڪٿي حياتي ۾ اھڙو زمانو نہ ڏسان جنھن ۾ **نيڪي جو حڪم نہ ڏئي سگھان ۽ برائي کان روڪي نہ سگھان** ڇوتہ اھڙي زماني ۾ ڪا ڀلائي ناھي. (شرح الصدور ص 11، ابن عساکر ج 62 ص 215)

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي بزرگن جو بہ ڪھڙو نہ خوب جذبو ھو! ڪھڙي نہ مدني سوچ ھوندي ھئي ۽ نيڪي جي دعوت کان ڪيترو نہ دلي لڳاءُ ھو جو انھن وٽ نيڪي جي دعوت کان بغير جيئڻ جيئڻ جو تصور ئي نہ ھو ۽ ھڪ اسان جي

حالت اها آهي جو نيڪي جي دعوت جا هزار موقعا ملن ٿا تڏهن به پرواهه ناهي ڪئي ويندي، حالانڪ ڪيئي موقعا اهڙا به ايندا آهن جنهن ۾ نَهْیٌ عَنِ الْمُنْكَر يعني برائي کان روڪڻ واجب ٿي ويندو آهي پر افسوس ان ڏانهن به اسان جو ڪو ڌيان ناهي هوندو.

## بدمذهبي کان توبه

نيڪي جي دعوت جو جذبو حاصل ڪرڻ، مليل جذبي کي خوب وڌائڻ، بدعقيدگي مٽائڻ جي دل ۾ تڙپ جاڳائڻ، ۽ بگڙيل ماڻهن جي اصلاح جو سبب بڻجي پاڻ کي جنت جو حقدار بڻائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان هر دم وابسته رهو، پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪُڙهندا رهو، نمازن جي پابندي جاري رکو، سنتن تي عمل ڪندا رهو، نيڪ اعمال جي مطابق زندگي گذاريو ۽ ان تي اِستِقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ روزانو ”نيڪ اعمال“ جو جائزو وٺي ڪري هن رسالي کي پُر ڪندا رهو ۽ هر اسلامي مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي هتان جي دعوت اسلامي جي ذميدار کي جمع ڪرايو، ۽ پنهنجي هن مدني مقصد ”**مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي**“ جي حصول خاطر پابندي سان گهٽ مان گهٽ ٽي ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪيو، اچو! اوهان جي ترغيب ۽ سمجهاڻي

جي لاءِ هڪ **مدني بهار** ٻڌايان ٿو: پنجاب جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحريري بيان جو خلاصو آهي: دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان پهريان منهنجو اٿڻ ويهڻ بدعقيده ماڻهن سان هو، تقريباً 13 سال انهن جي گمراهي واري صحبت ۾ رهي منهنجا عقيدا به مَعَاذَالله انهن وانگر تي ويا هئا، ۽ عملي حالت به ڪجهه چڱي نه هئي، فلمن ڊرامن ۽ ڳائڻ وڄائڻ جو شيدائي هئس، ۽ منهنجي چهري تي ڏاڙهي سنت مطابق نه بلڪ نندي هئي، منهنجي جنرل اسٽور جي ويجهو ئي موجود مسجد ۾ هڪ ديني طالب علم اسلامي ڀاءُ **فيضان سنت** جو درس ڏيڻ ۽ "وڏن جو مدرسةُ المدينہ" پڙهائڻ ايندو هو، غالباً صَفر المُظَفَّر 1420 بمطابق جُون 1999 جو واقعو آهي ته شهر سطح تي دعوت اسلامي جي تحت ٿيڻ واري سنتن ڀري اجتماع جي اسان وٽ ڌوم متل هئي، انهن ڏينهن ۾ اهو طالب علم هڪ ٻئي اسلامي ڀاءُ سان گڏ منهنجي دڪان تي تشريف وٺي آيو، انهن مون کي سلام ڪيو مان جيئن ته دعوت اسلامي وارن کي گمراهہ سمجهڻ جي ڪري انهن کي نفرت سان ڏسندو هئس، انهيءَ ڪري انهن جي سلام جو جواب نه ڏنو ۽ NO LIFT ڪرائيندي دڪان جي سامان جي صفائي ۾ مشغول ٿي ويس، اهي ٿوري دير رڪيا پوءِ نهايت نرم انداز سان مسڪرائيندي شهر ۾ ٿيندڙ سنتن ڀري اجتماع جي دعوت پيش ڪئي، جنهن کي قبول ڪرڻ کان مون نه صرف انڪار ڪيو بلڪ انهن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ شروع ڪيو، منهنجي هن رويي جي ڪري انهن جي

چهري تي اُداسي ڇانئجي وئي پر انهن جي صبر ۽ برداشت تي لکين سلام! ويچارن زبان سان ڪجهه نه ڪُڇيو، انهن جو اهو انداز تمام گهڻو متاثر ڪرڻ وارو هو، جڏهن شام جو دڪان بند ڪري گهر ويس، ۽ رات جي ڪاڏي کان فارغ ٿيس ته مون کي ان ٻنهي عاشقان رسول جي دعوت ڏيڻ ياد اچي وئي، مون سوچيو ته وڃي ڏسان ته سهي ڇا هي ماڻهو پنهنجي اجتماع ۾ ڪن ٿا! پوءِ مان ائين ئي ڏسڻ جي لاءِ هليو ويس، ۽ مان ڏسڻ ته ڇا ويس، منهنجو ته سُتل نصيب جاڳي پيو، اَلحَمدُلله! اجتماع جي دوران مون کي جاڳندي جي حالت ۾ اکين سان مديني جي تاجور، محبوب ربّ اڪبر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي انور جي روح پرور سونهري جارين جي زيارت ٿي! هن اِجتِماع ۾ فيصل آباد کان تشريف وٺي ايندڙ دعوت اسلامي جي مبلغ سنتن ڀريو بيان فرمايو، اجتماع کان پوءِ انهن شفقت ڀري انداز ۾ مون تي انفرادي ڪوشش ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ مون مدني قافلي ۾ سفر جي نيت ڪري ورتي ۽ جلد ئي مون کي عاشقانِ رسول سان گڏ 3 ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي ۾ سنتن ڀريي سفر جي سعادت نصيب ٿي، اسان جو مدني قافلو هڪ مسجد ۾ ترسيو، اَلحَمدُلله! ڀهرين رات ئي مون گنهگار تي ڪرم ٿي ويو، ڇا ٿو ڏسان ته مسجد نبوي شريف جو صحن آهي ۽ مان ٻهارو ڏئي رهيو آهيان، ايتري ۾ سونهري جاريون ڪليون ۽ امت جا غمخوار، مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻاهر تشريف وٺي آيا ۽ منهنجو نالو وٺي ارشاد فرمايائون:

پنھنجو اندر (باطن) بہ صاف ڪر، ھن خواب سبب منھنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو، جڏھن تہ ھن کان پھريان مان مَعَاذَاللّٰه حياتُ النَّبي جو منڪر ھئس، ۽ منھنجو ھي بہ عقيدو ھو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي ڏسن ۽ ٻڌن نٿا، ۽ نہ ئي اسان جي باطني حالت کان آگاھ آھن، اَلحَمدُلله! مون تي حق آشڪار (يعني ظاھر) ٿي ويو تہ سرڪارِ نامدار، مديني جا تاجدار صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جي نالن کان تہ ڇا بلڪ دلين جي ڪيفيت کان بہ خبردار آھن، اَلحَمدُلله! مون خراب عقيدن کان سچي توبہ ڪئي، ۽ اھو ڏينھن ۽ اڄ جو ڏينھن منھنجي چھري تي ھڪ مٺ ڏاڙھي آھي، مٿي تي عمامي جو تاج ۽ جسم تي سنت مطابق مدني لباس رھندو آھي ۽ اسان جو سڄو گھر مدني رنگ ۾ رنگجي چڪو آھي. الله پاڪ جو شان ڏسو جنھن عاشق رسول مون کي دڪان تي اچي نيڪي جي دعوت ڏني ھئي ۽ جنھن اجتماع کان پوءِ مون تي انفرادي ڪوشش ڪئي ھئي اھي ترقي ڪندي دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جا رڪن بڻجي چڪا آھن! ھي بيان ڏيڻ وقت مان تقريباً ڏھن سالن کان ديني ماحول سان وابستہ آھيان ۽ ٽن سالن کان مسلسل مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت ملي رھي آھي، انھي دوران تحصيل مشاورت جي نگراني جي ذميداري ۽ ٽي ڀيرا بنگلاديش ۾ عاشقان رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سفر ڪري چڪو آھيان، الله پاڪ مون کي دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ استقامت عنايت فرمائي، اخلاص سان ديني ڪم ڪرڻ جي

سعادت ۽ ايمان ۽ عافيت سان مديني جي گهٽي ۾ شهادت جو موت نصيب فرمائي .اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سیکھنے سنّتیں، مسجد آؤ چلیں
لائے ہیں قافلہ عاشقانِ رسول
یاد رکھنا سبھی چھوڑنا مت کبھی
دامنِ مصطفٰے عاشقانِ رسول
کاش! دنیا میں تم دو بتفضلِ خدا
دیں کا ڈنکا بجا عاشقانِ رسول (وسائلِ بخشش ص489)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## چا تہ نرالو شان آھي!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توھان! خداءِ رحمٰن جو بہ خوب نرالو شان آھي! جڏھن ڪنھن تي مهربان ٿيندو آھي تہ پنھنجي رحمت سان ان جي بگڙيل قسمت سنواري ڇڏيندو آھي، جيڪو ان جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان عظمتِ نشان کان بي خبر ھوندو آھي ان جي دل کي بدعقيدگين جي خرابين کان پاڪ ڪري پنھنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان بيان ڪرڻ وارو بڻائي ڇڏيندو آھي جيئن اوھان ھينئر مدني بهار ۾ ملاحظہ فرمايو، الله پاڪ جي خفيہ تدبير ڪنھن جي باري ۾ چا آھي ڪنھن کي خبر ناھي، بيشمار اھڙا ماڻھو جيڪي **مڪي مدني تاجدار** صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظمت جو نہ صرف انڪار ڪندا ھئا بلڪ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نفرت ڪندا ھئا ۽ بيزار

تي جهڳڙو ڪرڻ لاءِ تيار رهندا هئا، پاڪ پروردگار انهن کي اسلام جي دولت سان نوازي پنهنجي پياري رسول صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جان نثار بڻائي ڇڏيو! اچو! **دعوت اسلامي** جي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 274 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”صحابہ کرام کا عشقِ رسول“ صفحي 78 کان 79 تي ڪجھ اصحابن جا جذبات پڙهون ٿا:

## ايمان آڻڻ کان پوءِ صحابہ ڪرام جا جذبات

﴿1﴾ حضرت سيدنا ثُمامَہ بن اُثال يَمامي جيڪي اهلِ يَمامہ جا سردار هئا، ايمان آڻي فرمائڻ لڳا: ”خدا جو قسم! منهنجي ويجهو زمين مٿان ڪو چهرو پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهري کان وڌيڪ مَبغُوض (يعني قابلِ نفرت) نہ هو، اڄ اهو ئي چهرو مون کي سڀني چهرن کان وڌيڪ محبوب (يعني پيارو) آهي. الله پاڪ جو قسم! منهنجي ويجهو ڪو دين پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دين کان وڌيڪ برو نہ هو، هاڻي اهو ئي دين مون وٽ سڀني دينن کان وڌيڪ محبوب آهي، الله پاڪ جو قسم! منهنجي ويجهو ڪو شهر اوهان صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شهر کان وڌيڪ مَبغُوض (يعني قابلِ نفرت) نہ هو، الله پاڪ جو قسم! هاڻي اهو ئي شهر منهنجي ويجهو سڀني کان وڌيڪ محبوب (يعني پيارو) آهي. (بخاري ج 3 ص 132 حديث 4372) ﴿2﴾ حضرت سيدتنا هِند

بنتِ عُتبَہ (ابوسُفيان بن حرب جي گھرواريءَ) جنھن حضرت سيدنا امير حمزه رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ جو جگر چباڙيو ھو، ايمان آڻڻ کان پوءِ چوڻ لڳيون: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم زمين مٿان کو اھلِ خَيمہ (خيمي وارن مان) منھنجي نظرن ۾ اوھان جي اھلِ خَيمہ کان وڌيڪ مَبغُوض (يعني قابل نفرت) نہ ھو، پر اڄ منھنجي نظرن ۾ زمين مٿان کو اھلِ خَيمہ اوھان جي اھلِ خَيمہ کان وڌيڪ محبوب ناھي. (بخاری ج 2 ص 567 حديث 3825) ﴿3﴾ حضرت سيدنا صَفوان بن اُمَيَّہ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ جو بيان آھي تہ (غزوهءِ) حُنين جي ڏينھن رسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي مال عطا فرمايو، جڏھن تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منھنجي نظر ۾ مَبغُوض ترين خلق (يعني سڄي مخلوق ۾ سڀ کان وڌيڪ برا) ھئا، پاڻ کريم صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي عطا فرمائيندا رھيا ايستائين جو پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منھنجي نظر ۾ محبوب ترين خلق (يعني سموري جھان ۾ سڀ کان پيارا) ٿي ويا.

(سنن ترمذي ج 2 ص 147 حديث 666)

شرابِ عشقِ احمد میں کچھ ایسی کیف و مستی ہے
کہ جاں دیکر بھی اِک دو گھونٹ مل جائے تو سَستی ہے

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مون کي ٽي ڏينھن ڏوٻي جو ڪم ڪرڻو پيو!

اسان جا اولياءِ ڪرام رَحۡمَۃُ اللّٰہ عَلَيۡھِم ظاھر سان گڏوگڏ باطني طور بہ نيڪي جي دعوت جي ترڪيب ڪندا ھئا، جيئن امامُ الطَّائِف

حضرت سيدنا جُنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيهِ جن جو هڪ مريد جيڪو بصره شريف ۾ گوشه نشين هو، ان جي دل ۾ هڪ ڏينهن ڪنهن گناهه جو خيال آيو، ان بري خيال جي نحوست سان ان جو چهرو ڪارو ٿي ويو، اهو گهڻو گهبرائجي ويو، ٽن ڏينهن ڪان پوءِ ان جي ڪاراڻ ختم ٿي وئي، انهيءَ ڏينهن سندس پير و مرشد جي چٺي ملي، ان ۾ لکيل هو پنهنجي دل کي قابو ۾ رکو، چهري جي ڪاراڻ ڌوئڻ جي لاءِ مون کي ٽي ڏينهن تائين ڌوٻي جو ڪم ڪرڻو پيو. (تذکرة الاولياء، ص 18) الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڪامل پير جون برڪتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان خبر پئي ته سيدنا جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيهِ روشن ضمير پير هئا، الله پاڪ سندن کي تمام گهڻو پري جي نظر سان نوازيو هو، تڏهن ته بصره شريف ۾ موجود مريد جي دل جي ڪيفيت ملاحظه فرمائي، ڪارو چهرو به ڏسي ورتو ۽ پري کان ئي باطني تَوَجُّه سان ان جي چهري جي ڪاراڻ به ڌوئي ڇڏي! هن حڪايت مان هي درس پڻ مليو ته ڪامل پير جي بدولت انسان گناهن کان بچندو رهي ٿو ۽ جيڪڏهن ڪا لغزش واقع ٿي به وڃي ته الله پاڪ جي حڪم سان پير و مرشد جي تَوَجُّه ذريعي ان جو تَدارُڪ (يعني اصلاح

جو سبب) به ٿي ويندو آهي تنهنڪري ضرور ڪنهن ڪامل پير جو مريد ٿيڻ گهرجي ۽ هي به خبر پئي ته خدا پاڪ جي ياد سان چهري تي هڪ خاص نورانيت جو جلوو نظر ايندو آهي جڏهن ته گناه ڪرڻ سان دل به ڪاري ٿي ويندي آهي ۽ چهري تي به نحوست هوندي آهي.

ترے ہاتھ میں ہاتھ میں نے دیا ہے
ترے ہاتھ ہے لاج یا غوثِ اعظم
مریدوں کو خطرہ نہیں بحرِ غم سے
کہ بیڑے کے ناخدا غوثِ اعظم
نکالا تھا پہلے تو ڈوبے ہوؤں کو
اور اب ڈوبتوں کو بچا غوث اعظم

(ذوقِ نعت،صفحه 181)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اُٺ جڏهن ڪُوئي جو ٿي ويو

ڪنهن جامع شرائط پير جي مريد ٿيڻ ۾ ۽ ڪنهن جو ٿي رهڻ ۾ فائدو ئي فائدو آهي جيئن مُحَقّق عَلَي الِاطلاق، خاتِمُ المُحَدِّثِين حضرت علامہ شيخ عبدالحق مُحَدِّث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي سيرت تي مشتمل ڪتاب "اَخْبَارُ الاَخْيار" ۾ حضرت سيدنا شيخ حُسَام الدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي حالات ۾ بيان ڪيل ٻن دلچسپ فرضي حڪايتن سان پير ڪامل جي ذريعي مريد کي پهچڻ وارا فائدا سمجهي سگهجن ٿا، جيئن

فرمائن ٿا: هڪ اُٺ کي ڪُوئي جهنگ ۾ چرندي ڏسي چيو: اي اُٺ تون ڪنهن جو ٿي رهہ، اُٺ جواب ڏنو تہ ”مان تنهنجو ٿي ويس“ هڪ ڏينهن اهو اُٺ ڪنهن وڻ جا ساوا پن ڪائي رهيو هو تہ ان جي مُهارَ (يعني نڪ واري رسي) وڻ جي ٽاري ۾ بري نموني ڦاسي پئي ۽ اُٺ عاجز ٿي ويو، اُن هن بري وقت ۾ ڪوئي کي پڪاريو! جيئن تہ اهو ڪوئو پنهنجي ٻين ڪوئن سان گڏ آيو، ۽ سڀني ملي ڪري وڻ ۾ ڦاٿل رسي کي ڪُتري ڇڏيو، ائين اُٺ کي ڇوٽڪارو مليو. (اخبارُ الاخيار ص 177)

## ڏيڏر کي ڏسي وٺي پڳو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن فرضي حڪايت ۾ نهايت سهڻي انداز سان سمجهايو ويو آهي تہ ”آزاد“ رهڻ بدران ”ڪنهن جا ٿي رهو.“ تہ جيڪو شخص ڪنهن پير ڪامل جو ”ٿي رهي ٿو“ تہ مشڪل وقت ۾ ڪامل پير جي برڪت سان نجات جو سامان ٿي ويندو آهي، انهي باري ۾ هڪ ٻي دلچسپ حڪايت ٻڌو: هڪ مجلس ۾ ڪجهہ ماڻهو جمع هئا، اوچتو هڪ ڏيڏر ٽپا ڏيندي آيو، هي ڏسي هڪ داناءُ شخص ان مجلس مان وٺي ڀڳو، ماڻهو (ان کي بزدل سمجهي) کلڻ لڳا، جڏهن ان کان ڏيڏر کان ڊڄڻ جو سبب پڇيو ويو تہ ان داناءَ چيو تہ مان ڏيڏر کان ناهيان ڊنو، البت انهيءَ ڳالهہ کان ڊنو آهيان جو ان جي پويان ڪو

نانگ نہ اچي رهيو هجي! اهڙي طرح درويش جيتوڻيڪ ڪمزور هجي پر ان جو سلسلو نهايت مضبوط هجي تہ ان کان ڊڄڻ گهرجي ڇو تہ ان کي ناراض ڪرڻ سان ان جي سلسلي جي سيئي پيرن جي دل ڏکي پوندي. (اخبارُ الاخيار ص 176)

## مريد جي ”پٺ مضبوط“ هوندي آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏيڊر کي نانگ کائي ويندو آهي انهي ۽ کري اهو داناءُ شخص پڇڻ لڳو تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو شڪار ڪرڻ جي لاءِ پويان نانگ لڳل هجي جيڪو مون کي ڏنگي وجهي، هي مثال ڏئي حضرت سيدنا شيخ حُسَام الدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيهِ ڪمزور درويش ۽ ان جي مضبوط مرشدن جو مثال ڏنو آهي تہ واقعي جيڪو ڪنهن ڪامل پير جو مريد ٿي ويندو آهي ان جي ”پٺ مضبوط“ ٿي ويندي آهي جو جيڪڏهن ان جو پنهنجو پير ”ڪمزور“ آهي تہ ڇا ٿيو! پنهنجي پير جو پير يا وري ان جي پير جو پير تہ مضبوط هوندو ۽ ائين دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون هٿ اينديون. دعوت اسلامي جي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”ملفوظاتِ اعليٰ حضرت“ (561 صفحات) صفحي 260 کان 263 تي ڪجھ دلچسپ ۽ معلوماتي عرض ۽ ارشاد پيش ڪيا وڃن ٿا پڙهو ۽ ايمان تازو ڪيو:

## بيعت جي معنيٰ

**عرض**: بيعت جي ڇا معنيٰ آهي؟
**ارشاد**: بيعت جي معنيٰ ”وڪامجي وڃڻ“

## موت جي سزا جي موقعي تي هڪ مريد جي پنهنجي پير سان عقيدت

(اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو ته) سَبعِ سَنابِل شريف ۾ آهي: هڪ شخص کي بادشاھ موت جي سزا جو حڪم ڏنو، جلّاد تلوار ڪڍي ورتي، هي شخص پنهنجي شيخ جي مزار ڏانهن منهن ڪري بيهي رهيو، جلّاد چيو: هن وقت قبلي ڏانهن رخ ڪبو آهي، فرمايائون: ”تون پنهنجو ڪم ڪر! مون قبلي ڏانهن رخ ڪري ورتو آهي.“ ۽ آهي به ائين ته جسم جو قبلو ڪعبو آهي جڏهن ته پير روح جو قبلو آهي، ان جو نالو اِرادت (يعني مريدي) آهي! جيڪڏهن انهيءَ طرح سچي عقيدت سان هڪ دروازو پڪڙي ته اُن کي ضرور فيض ملندو، جيڪڏهن ڪنهن جو پير خالي آهي ته پير جو پير ته خالي نه هوندو ۽ فرض ڪيو جيڪر اهو به خالي هجي ته حضور غوث اعظم رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ ته معدِنِ فيض (يعني فيض جي کاڻ) ۽ مَنبعِ اَنوار (يعني انوار جو سرچشمو) آهن انهن وٽان ضرور فيض ايندو (بس) سلسلو صحيح ۽ مُتَّصِل (يعني مليل) هجڻ گهرجي.

## دڪان اونڌو ڪري ڇڏيندس

انهيءَ وچ ۾ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي بيان ڪيل حڪايت پنهنجي انداز ۾ عرض ڪيان ٿو تہ هڪ فقير ڪنهن جي دڪان تي آيو ۽ چوڻ لڳو: هڪ روپيو ڏي! دڪاندار انڪار ڪيو، فقير چيو: روپيو ڏين ٿو يا تنهنجو دڪان اونڌو ڪيان، ماڻهو جمع ٿي ويا، اوچتو هڪ روشن ضمير بزرگ اچي پهتو، ان دڪاندار کي فرمايو: هن کي جلد روپيو ڏئي ڇڏيو نہ تہ دڪان اونڌو ٿي ويندي ڇو تہ مون هن فقير جي باطن تي (اِهو جانچڻ لاءِ) نظر وڌي تہ ڪجهہ آهي بہ يا نہ! تہ خبر پئي تہ بلڪل ”خالي“ آهي پوءِ مون ان جي پير کي ڏٺو تہ ان کي بہ خالي ڏٺم، وري ان جي پير جي پير کي ڏٺو تہ اهي الله وارا آهن ۽ ڏٺم تہ هُو هن انتظار ۾ آهي تہ ڪڏهن ٿو هن جي زبان مان (لفظ) نڪري ۽ مان هي دڪان اونڌو ڪري ڇڏيان، هي حڪايت بيان ڪري اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو تہ ان فقير پنهنجي پير جو دامن مضبوطي سان پڪڙي رکيو هو.

## قيامت تائين اچڻ وارا مريدَ

اَئِمَّہ دين (رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم) فرمائن ٿا تہ حضور غوث اعظم رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي دفتر (يعني رجسٽر) ۾ قيامت تائين جي مريدن يعني جيڪي غلامي ۾ آهن يا اچڻ وارا آهن انهن سيني جا نالا لکيل آهن،

حضور پُر نور (غوث اعظم) رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: ربّ ڪريم مون کي دفتر عطا فرمايو جيڪو حدِ نگاھ تائين (يعني جيستائين نظر وڃي سگھي اوستائين) ويڪرو هو ۽ هن ۾ قيامت تائين جي منهنجي مريدن جا نالا لکيل هئا ۽ مون کي فرمايو: ”قَدْ وُهِبُوْا لَكَ (يعني) هي سڀ توهان کي بخشي (يعني ڏئي) ڇڏيا آهن.“
(بهجةُ الاسرار ص 193)

## هڪ سوال ۽ ان جو جواب

**عرض:** حضور هي ته زبردستي روپيو ونڻ ٿيو، ان وَلِيُّ الله جيتوڻيڪ ان جي دڪان کي بچائڻ لاءِ ان کي ڏيڻ جي تاڪيد ڪئي، ممڪن هو جيئن ظلم کي پري ڪرڻ جي لاءِ رشوت ڏيڻ پر ان فقير جي پير جا پير جيڪي الله وارا هئا، ان ظلم جي تائيد جو جائز رکي؟

**ارشاد:** شريعت پاڪ جا ٻه حڪم آهن: ظاهر ۽ باطن، قاضي ۽ عام ماڻهن جي رسائي ظاهري احوالن ئي تائين آهي، انهن تي ان جي پابندي لازم آهي جيتوڻيڪ حالات جي حقيقت ڪان واقف جي ويجهو حڪم برعڪس (يعني اُبتڙ) هجي.

## قتل جو حيرت انگيز مقدّمو

(وڌيڪ فرمايائون) هن جو مثال حضرت سيدنا داؤد عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي زماني ۾ واقع ٿي چڪو آهي، هڪ فقير مفلِس، بيوس، ماني جي لاءِ محتاج، رات جو دعا ڪندو هو ته الٰهي حلال رزق عطا

فرماءِ. اتفاق سان ڪنهن رات هڪ ٻِڪَرُ ڳئون گهر ۾ گهڙي آئي، هن سمجهيو تہ منهنجي دعا قبول ٿي وئي ۽ هي حلال رزق غيب مان مونکي عطا ٿيو آهي، ڳئون کي دسي ذبح ڪيائين، ان جو گوشت پچائي کاڌائين. صبح جو مالڪ کي خبر پئي تہ اهو سرڪارِ نبوت (عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) ۾ فريادي ٿيو، سيدنا داؤد عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام فرمايو : ”ڇڏي ڏينس! تون مالدار آهين هن محتاج هڪ ڳئون ذبح ڪئي تہ ڇا ٿيو؟“ اهو ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ چيائين: يا نبيَّ الله! مان حق چاهيان ٿو، فرمايائون: جيڪڏهن حق چاهيو ٿا تہ اها ڳئون انهيءَ جي هئي، اهو ويتر ڪاوڙ ۾ پرجي ويو، فرمايائون: نہ صرف ڳئون بلڪ جيترو مال تو وٽ آهي سڀ ان جو آهي، اهو وڌيڪ فريادي ٿيو تہ فرمايائون: تون بہ انهيءَ جي مِلڪ آهين ۽ هن جو غلام آهين، هاڻي تہ ان جي بي صبري جي حد نہ هئي، فرمايائون: جيڪڏهن تصديق چاهين ٿو تہ هاڻي اسان سان گڏ هل، فقير ۽ اُن ڳئون واري کي گڏ وٺي پاڻ جهنگ ۾ تشريف وٺي ويا، عجيب واقعو هو، ماڻهن جو هجوم بہ گڏ ٿي ويو، هڪ وڻ جي هيٺان حڪم ڏنائون تہ هتي کوٽيو، کوٽڻ سان انسان جي سِسي ۽ هڪ خنجر جنهن تي قتل ٿيل جو نالو لکيل هو، برآمد ٿيو، الله جي نبي (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) هن وڻ کي ارشاد فرمايو: شهادت (يعني گواهي) ادا ڪر تو ڇا ڏٺو؟ وڻ عرض ڪيو: يا نبيَّ الله (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام)! هي فقير جي پيءُ جي سِسي آهي، هي ڳئون وارو ان جو غلام هو، ان (ڳئون واري) موقعو ملڻ تي منهنجي هيٺان پنهنجي آقا (يعني فقير جي پيءُ)

کي انهيءَ جي خنجر سان ذبح کيو ۽ زمين ۾ خنجر سان گڏ پوري ڇڏيو ۽ هن جي سڄي مال تي قبضو ڪري ورتو، ان جو هي پٽ تمام ننڍو هو، ان هوش سنڀاليو ته پاڻ کي بيڪس، ۽ بي زر (يعني مفلس، تنگدست) ٿي لذائين ۽ اهو به نه ڄاڻائين سندس پيءُ ڪير هو ۽ سندس ڪجهه مال به هو يا نه؟ حُڪمِ باطن سان ثابت ٿيو. غلام (يعني ڳئون وارو جيئن ته فقير جي پيءُ جو قاتل هو انهيءَ ڪري) قتل ڪيو ويو ۽ اهو سڀ مال (جيڪو ڳئون واري جو هو) ورثي ۾ فقير کي مليو.

(مثنوي شريف دفتر سوم ص 224 تا 242)

(اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ هي حڪايت بيان ڪري فرمايو) اهوئي هتي به ممڪن آهي ته دڪاندار هن فقير جي مُورِث (يعني جنهن جو هي فقير وارث آهي) جو قرض دار هجي جيتوڻيڪ اهو فقير به ان ڳالهه کان واقف نه هجي نه ئي دڪاندار ان کي سڃاڻندو هجي ته هي زبردستي ڏيارڻ ناهي بلڪ حَقّ بَحَقّ دارِ رَسانِيدَن (يعني حق دار کي ان جو حق پهچائڻ آهي).

ہر ہر ذرّہ ہر قطرہ شاہد ہے ہر ہر لمحہ
اس کی قدرت وصنعت کا یکتائی ووحدت کا
لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ ط اٰمَنَّا بِرَسُوْلِ اللّٰه

(سامانِ بخشش، ص32)

## ڪير نيڪي ڪرڻ واري جيان آهي؟

سرڪار نامدار، پنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنَّ الدَّالَّ عَلَى الْخَيْرِ كَفَاعِلِهٖ يعني بيشڪ نيڪي جي واٽ

ڏيکارڻ وارو نيڪي ڪرڻ واري جيان آهي. (ترمذی، 4/ 305، حديث:2679)
مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: يعني نيڪي ڪرڻ وارو، ڪرائڻ وارو، ٻڌائڻ وارو (۽) مشورو ڏيڻ وارو سڀئي ثواب جا مستحق (يعني حقدار) آهن. (مراۃ المناجيح ج 1 ص 194)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سُبحٰنَ الله! نيڪي جي دعوت جي ديني ڪم ۾ سنين سنين نيتن سان جائز طريقي سان تعاون ڪرڻ وارو به اَجر ۽ ثواب جو حقدار هوندو آهي، هن ۾ حڪم قرآني تي عمل جي نيت به ڪري سگهجي ٿي جيئن سيپاري 6 سورة المَائدة جي آيت نمبر 2 ۾ ارشاد آهي:

وَتَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ وَالتَّقْوٰى ۪ وَ لَا تَعَاوَنُوْا عَلَى الْاِثْمِ وَ الْعُدْوَانِ ۪

ترجموڪنزالايمان: ۽ نيڪيءَ ۽ پرهيزگاريءَ تي هڪ ٻئي جي مدد ڪريو ۽ گناه ۽ زيادتي تي هڪ ٻئي ڪي مدد نہ ڏيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تمام عمل ڪرڻ وارن جو ثواب

خاتمُ النَّبِيّين، جنابِ رَحمة للعٰلمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي: جيڪو هدايت ڏانهن سڏ ڪري ان کي سيني عاملين (يعني عمل ڪرڻ وارن) وانگر ثواب ملندو ۽ انهي سان ان (عمل ڪرڻ وارن) جي پنهنجي ثواب مان ڪجهه گهٽ نہ ٿيندو، ۽

جيڪو گمراهي ڏانهن سڏ ڪري ته ان تي سيني پيروي ڪرڻ وارن گمراهن جي برابر گناهه ٿيندو ۽ هي انهن جي گناهن مان ڪجهه گهٽ نه ڪندو. (مُسلم ص 1438 حديث 2674)

## لکين نيڪيون ۽ لکين گناهه

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هي حڪم (عام آهي يعني) نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ان جي صدقي سيني صحابہ، اَئِمّهءِ مُجتَهِدِين، علماءِ مُتَقَدِّمِين ۽ مُتَاخِّرِين سيني جي لاءِ آهي، مثلاً جيڪڏهن ڪنهن جي تبليغ سان هڪ لک نمازي بڻجن ته ان مبلغ کي هر وقت هڪ لک نمازن جو ثواب ٿيندو ۽ ان نمازين کي پنهنجي پنهنجي نمازن جو ثواب، هن مان خبر پئي ته حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جو ثواب مخلوق جي اندازي کان ٻاهر آهي. ربِّ (ڪريم) فرمائي ٿو: وَاِنَّ لَكَ لَاَجْرًا غَيْرَ مَمْنُوْنٍ ۝۳ (پ 29 القلم: 3) **ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ ضرور تنهنجي لاءِ بي انتها ثواب آهي) ائين ئي اهي مُصَنِّف جنهن جي ڪتابن مان ماڻهو هدايت حاصل ڪري رهيا آهن قيامت تائين لکن جو ثواب انهن کي پهچندو رهندو، هي حديث هن آيت جي خلاف ناهي. لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى ۝۳۹ (پ 27 النجم: 39) (**ترجمو ڪنزالايمان**: انسان نه لهندو پر پنهنجي ڪوشش) ڇوته هي ثوابن جي زيادتي اُن جي تبليغ جي عمل جو نتيجو آهي. وڌيڪ فرمائن ٿا: هن ۾ گمراهين جا مُوجِد ۽ مُبَلِّغ (يعني گمراهي ايجاد ڪرڻ ۽ گمراهي ڦهلائڻ وارا) ...

تائين پهچائڻ وارا) سڀ شامل آهن، قيامت تائين انهن کي لکين گناهہ پهچندا رهندا. (مراۃ المناجیح ج 1 ص 160)

## ”نيڪ“ بڻائڻ واري مشين بڻجي وئو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪين جا حريص بڻجي وڃو، ٻين کي نمازي بڻائڻ جي مهم تيز ڪان تيز ڪيو، جڏهن ته نماز باجماعت جي لاءِ مسجد ڏانهن وڃو ٻين کي ترغيب ڏئي ڳڏ وٺي وڃو، جنهن کي نماز ناهي ايندي انهن کي نماز سيکاريو. جيڪڏهن اوهان جي ڪري هڪ به نمازي بڻجي ويو ته جيستائين اهو نمازون پڙهندو رهندو ان جي هر هر نماز جو ثواب اوهان کي به ملندو رهندو، عام طور عشاء کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ 40 منٽن جي لاءِ دعوت اسلامي جي وڏن جي مدرَسةُ المدينہ ۾ داخلا وٺو، ان ۾ پاڻ به قرآن شريف سکو ۽ ٻين کي به سيکاريو، اوهان کان سکندڙ جڏهن به تلاوت ڪندو ته اوهان کي به ان جي تلاوت جو ثواب ملندو رهندو، اوهان به سنتن تي عمل ڪيو ۽ ٻين کي به عمل لاءِ تيار ڪيو، جيڪڏهن اوهان ڪنهن هڪ کي به سنت سيکاري ته هاڻي اهو جڏهن جڏهن ان سنت تي عمل ڪندو ته اوهان کي به سنت تي عمل ڪرڻ واري جيان ثواب ملندو رهندو، علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت ۽ مدني قافلن ۾ سنتن ڀريي سفر جي ذريعي پنهنجي ۽ ٻين

جي اصلاح جي زوردار مهم هلائي مسلمانن کي ”نيڪ بڻائڻ جي مشين“ بڻجي وڃو اِن شاءَ الله ثواب جو انبار لڳي ويندو ۽ ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو.

تيرے کرم سے اے کريم! مجھے کون سی شے ملی نہيں
جھولی ہی ميری تنگ ہے تيرے يہاں کمی نہيں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هر لفظ تي سچي سال جي عبادت جو ثواب ۽....

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن ڪو مسلمان نيڪي جي دعوت ڏيندو آهي ته الله پاڪ جي رحمت جوش ۾ ايندي آهي جيئن حُجَّةُ الِاسلام حضرت سيِّدُنا امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حضرت سيدنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰی نَبِيِّنَا وعَلَيْهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام بارگاهِ خداوندي ۾ عرض ڪيو: ياالله پاڪ! جيڪو پنهنجي ڀاءُ کي نيڪي جو حڪم ڏئي ۽ برائي کان منع ڪري، ان جي جزا ڇا آهي؟ الله پاڪ ارشاد فرمايو: مان ان جي هر لفظ جي بدلي ۾ هڪ هڪ سال جي عبادت جو ثواب لکندو آهيان ۽ ان کي جهنم جي سزا ڏيڻ ۾ مون کي حياءَ ايندو آهي.(مُڪاشفةُالقلوب ص 48)

## نيڪين جو انبار

سُبحٰنَ الله! جيڪڏهن اوهان ڪنهن کي نيڪي جي دعوت ڏيندؤ ته هڪ هڪ ڪلمي (لفظ، قول يا ڳالهه) جي بدلي هڪ هڪ سال

جي عبادت جو ثواب ملندو. فرض ڪيو! اوهان ڪنهن ڏينهن مسجد ۾ صرف هڪ اسلامي ڀاءُ جي سامهون ”فيضانِ سنت“ مان درس ڏنو ۽ ان مان ٻه صفحا پڙهي ٻڌايا، هاڻي ان ۾ ويهه ڳالهيون نيڪي ۽ ڀلائي جون بيان ٿيون ته درس ٻڌڻ وارو اهو اسلامي ڀاءُ ان تي عمل ڪري يا نه ڪري اوهان جي اعمال نامي ۾ اِن شاءَ الله ويهه سال جي عبادت جو ثواب لکيو ويندو ۽ جيڪڏهن اوهان کان درس ٻڌي ان اسلامي ڀاءُ عمل ڪرڻ شروع ڪري ڏنو ته اهو جيستائين عمل ڪندو رهندو اوهان کي به برابر ان عمل ڪرڻ واري جيترو ثواب ملندو رهندو ۽ جيڪڏهن ان اوهان جي درس مان سِکيل ڪا سنت ڪنهن ٻئي تائين پهچائي ته ان جو ثواب پهچائڻ واري کي به ملندو ۽ اوهان کي به، ائين اِن شاءَ الله اوهان جو ثواب به وڌندو ويندو، نيڪي جي دعوت جو آخرت ۾ ملڻ وارو ثواب ڀانهو جيڪڏهن ڪو دنيا ۾ ڏسي وٺي ته ڪا گهڙي بيڪار نه وڃڻ ڏي، هر وقت نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائيندو رهي.

میں نیکی کی دعوت کی دُھومیں مچاؤں
تو کر ایسا جذبہ عطا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## درس ڏيڻ جو ثواب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيشڪ فيضان سنت مان درس ڏيڻ به ”نيڪي جي دعوت“ جو هڪ اهم ذريعو آهي تنهنڪري همت

ڪيو شيطان کان پيڇو ڇڏايو، سُستي ختم ڪيو ۽ روزانو گھٽ ۾ گھٽ ”ہ درس“ ضرور ڏيو. مسجد درس، چوڪ درس، بازار درس، وغيره مان گھٽ ۾ گھٽ ڪنهن هڪ درس جي ترڪيب بڻايو پڻ وقت مقرر ڪري روزانو ضرور بالضرور گھر درس جي ذريعي بہ خوب سنتن جا مدني گل لٽايو ۽ گھڻو ثواب ڪمايو، انهيءَ ضِمن ۾ بہ حديثون پڙهو ۽ جهومو: **فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو شخص منهنجي امت تائين اسلامي ڳالھ پهچائي تہ جيئن ان سان سنت قائم ٿئي يا ان سان بد مذهبي پري ڪئي وڃي تہ اهو جنّتي آهي. (حليةُالاولياء ج 10 ص 45 رقم 14466) **دعاءِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم: ”اللّٰہ پاڪ ان کي ترو تازه رکي جنهن منهنجي حديث ٻڌي، ياد رکي ۽ ٻين تائين پهچائي.

(سنن ترمذي ج 4 ص 298 حديث 2665)

## درس ڏيڻ جي برڪت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! درس فيضان سنت جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ اچو! اوهان کي هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو: جيئن تہ ڪراچي جي مقيم اسلامي ڀاءَ جي بيان جو خلاصو آهي: 1410ھ بمطابق 1990ع جي ڳالھ آهي تہ مان لاهور ۾ هڪ جڳھ ملازمت ڪندو هئس، انهيءَ دوران دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءُ بہ هتي ملازم ٿيو، هڪ ڀيري مون

چيو تہ کنهن اهڙي ڪتاب ڏانهن منهنجي رهنمائي فرمايو،
جنهن کي پڙهي ڪري اسلامي طريقي مطابق زندگي گذاري
وڃي، ان چيو تہ دعوت اسلامي جي اداري مکتبة المدينہ جو
ڇاپيل ڪتاب "فيضان سنت" خريد ڪيو، ڳالھ آئي وئي ٿي
وئي! ۽ زندگي جا ڏينهن تيز رفتاري سان گذرندا رهيا، مان
معمول مطابق زندگي گذاريندو رهيس، ۽ دنياوي مصروفيت
جي ڪري اِهو ڪتاب خريد نہ ڪري سگهيس، ڪجھ عرصي
کان پوءِ خدا جو شان جو مان مستقل طور تي ڪراچي منتقل ٿي
ويس، هڪ ڏينهن مغرب جي نماز جي لاءِ هڪ مسجد ۾ ويس
تہ نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ مون ڏٺو تہ سفيد لباس پاتل مٿي تي
سبز سبز عمامو شريف جو تاج سجائي هڪ اسلامي ڀاءُ ڪنهن
ڪتاب مان درس ڏئي رهيو آهي ۽ ڪيترائي اسلامي ڀائر درس
ٻڌڻ ۾ مصروف آهن مان بہ انهن سان گڏ درس ۾ ويهي رهيس،
جڏهن منهنجي نظر ان ڪتاب تي پئي جنهن مان اسلامي ڀاءُ
درس ڏئي رهيو هو تہ ان تي فيضان سنّت لکيل هو جنهن کي
ڏسي منهنجو ذهن ماضي جي يادن ۾ هليو ويو ۽ منهنجي ذهن
جي پردي ۾ هي ڳالھ آئي تہ هي تہ اهو ئي ڪتاب آهي جنهن
کي خريد ڪرڻ جو مون کي لاهور ۾ فلاڻي اسلامي ڀاءُ مشورو
ڏنو هو، درس کان پوءِ مون اسلامي ڀائرن سان ملاقات ڪئي ۽
انهن کان "فيضان سنّت" مطالعو ڪرڻ لاءِ گهريو، انهن ڏئي

چڏيو، ان جو مطالعو ڪرڻ سان منهنجي اندر سنتن تي عمل ڪرڻ جو جذبو جاڳيو ۽ اَلحَمدُلله آهستہ آهستہ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي سنتن تي عمل ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويس، ۽ مون سان گڏ منهنجا ٽي ڀائر بہ اَلحَمدُلله دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويا.

نہ نیکی کی دعوت میں سُستی ہو مجھ سے　　بنا شائق قافِلہ یاالٰہی
سعادت ملے درسِ فیضانِ سنّت　　کی روزانہ دو مرتبہ یاالٰہی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزّوجلّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❀ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❀ روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزّوجلّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "مدني قافلن" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزّوجلّ







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net